مُنهنجا غزل

(غزل سنگرهه)



گوبند ريجهواٹي ''آنند''

”منهنجا غزل“

(غزل سنگرهه)


گوبند ريجھواڻي ’آنند‘

يادگار تصوير



برک شاعر سدا حيات شري هري ''دِلگير'' سان
گوبند ريجهواڻي ''آنند'' خوشگوار ماحول ۾ نظر ايندي.

ارپڻ



مُنهنجي زندگيءَ ۾

آيل پهرئين اُستاد

شاعر شري سدا حيات

اِندر ديو پوچواڻيءَ کي.

"منهنجا غزل"

(غزل سنگرهہ)

شاعر : گوبند ريجھواڻي 'آنند'
ڪاپيون : ٥٠٠
سال : ڊسمبر ٢٠٠٩
قيمت : ٨٠ رپيا
حق واسطا : شاعر وٽ محفوظ
پبلشر : **گوبند هوتچند ريجھواڻي 'آنند'**
"شِو آشيش"، ٩/٢، کوڙيارنگر، اِسٽريٽ نمبر-٣
گريراج سوسائٽيءَ جي پٺيان،
جوشيپورا، جھوناڳڙهه (گجرات) ٣٦٢٠٠٢
پرنٽر : مهالڪشمي پرنٽرس
راجاوير سرڪل، ڪبيرنگر، احمدآباد.
(گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جي مالي مدد سان ڇپايل)

MY GHAJAL'S

(Collection of Ghazal's)

y : Govind Rijhwani "Anand"
opies : 500
ar : December 2009
ice : Rs. 80/-
ublisher : Govind Rijhwani "Anand"
Shiv Ashish
9/2, Khodiyar Nagar, Street No. 3,
Behind Giriraj Society, Joshipura,
Junagadh (Guj.) - 362002.
inted by : Mahalaxmi Printers
Rajavir Circle, Kubernagar,
Ahmedabad-382340.
Published with the financial aid from Gujarat Sindhi Sahitya Akademi, Gandhinagar.)

فهرست

مُنهنجي طرفان...

مُنهنجي سِنڌي ساهتيہ ياترا ڪافي ننڍيءَ عمر کان شروع ٿي آهي. مونکي هن باهہِ جي چِٽِنگَ ڪٿان ۽ ڪيئن لڳي سا بہ خبر نہ آهي. شايد اُن وقت جو ماحول ئي اَهڙو هو ۽ مُنهنجا هم ڪلاسي دوست جهڙوڪ شريچند ڏُبي ’جگريِ‘، رميش شيوڪاڻيِ، منوهر ويڌاڻي، رِيتيش جيوناڻي وغيره دوستن جو ساهتيہ ۾ شؤنق ڏسيِ سنگ جو رنگ لڳو هجي.

مان تہ ائين چوندس تہ هِڙي چِٽِنگ هرهڪ سِنڌيءَ کي چونہ لڳل آهي؟ ۽ چونہ لڳل هئڻ گهرجي؟ اِن ڏس ۾ عمل ڪندي مان پنهنجن ٻارن کي سنڌيِءَ ۾ پڙهايو پر اَفسوس جو سنڌيِ اِسڪول ئي بند ٿي ويا آهن نہ تہ جيڪر مان پنهنجن پوٽن پوٽين کي بہ سنڌيِءَ ۾ ئي پڙهايان ها، پر اَجا گهر جو ماحول شُڌِ سنڌيِ رکي ويٺو آهيان. سنڌي کاڌا پيتا، ڳالهائڻ - ٻولهائڻ سڀ سنڌيءَ ۾ قائم رکي ويٺو آهيان. تنهن لاءِ مونکي فخر آهي. شل هر سنڌيِ اَهڙو مون جهڙو ٿِئي تہ ’سنڌيت‘ وريِ اُڄ تي ايندي اِها پڪ اَٿم.

’مُنهنجا غزل‘ هاڻ توهان جا آهن. اُهو تہ توهان جا قيمتي رايا ٻڌڻ کان پوءِ ئي معلوم ٿيندو تہ مان ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهيان.



پرستاونا....
جنِ كوجا تنِ پائيا...

اُنهن جي ڇا ڳالهہ كجي جنِ كڏهن بہ كا
وج ئي كانہ كئي ! كڏهن كجهہ ڳولهڻ لاءِ گهر
ان ٻاهر ئي كونہ نكتا - اُنهن جي ڇا ڳالهہ كجي
نِ جيون ۾ كا كَميِ ئي محسوس نہ كئي!
يكڏهن كا كمي، كا كوتِ محسوس كيائون بہ تہ سگريٽ يا ٻيڙيءَ
ون بہ ٽي ڦوكون ڏئي، شراب جا ٻہ-ٽي پيگ چاڙهي، نون كپڙن جو
ڳو پائي، كنهن حسين جسم جو تصّور كندي، كڏهن پئسن كمائڻ
ي نشي ۾ - وساري ويٺا اُن اُداسيءَ كي، اِن كميءَ كي جا هنن جي
يون ۾ هوند نوان دوار كولي ها!

اَڇو تہ اُنهن جي ڳالهہ كريون جيكي كنهن آكاش جي ڳولها
لڳل آهن، اَڇو تہ اُنهن جي ڳالهہ كريون جيكي صبوح جي جهيِٽيِ-
يِٽيِ هيرَ كي وساري نہ سگهيا آهن، جيكي پكين جون منڙيون لاتيون
اري نہ سگهيا آهن، جيكي كائنات جي كرشمن كي پلائي نہ سگهيا
ن جيكي ساگر جي لهرن جي سنگيت كي وساري نہ سگهيا آهن! اَڇو
نهن جي ڳالهہ كريون جيكي اُداس ٿي سگهيا آهن (ڇوجو اُداس
ڻ جو اَڌكار صرف اِنسان كي آهي، جانور يا پَشو كڏهن بہ اُداس نہ
سگهيا آهن) اَڇو تہ اِنهن جي ڳالهہ كريون جيكي كنهن اَڻتر
يءَ جا شكار ٿي كنهن اَلک لوک جي ڳولها ۾ نكري پيا آهن.
يءَ جي واٽ بہ ڳولها جي واٽ آهي. كوي بہ كنهن مُسَلسِلِ
جوءِ ۾ لڳل آهي. كبير چيو آهي - ’جن كوجا تنِ پائيا گهري پاني پيٺ‘
ي ڳالهہ آهي تہ هركنهن جي ’پيٺِ‘ پنهنجي - پنهنجي هوندي
، هركنهن جي گهرائي پنهنجي - پنهنجي هوندي آهي، اِن ۾

اُميد تہ 'مُنهنجا غزل' توهان جي دِل کي ڇُهندا ۽ ڪِتڪِتائين ڪندا
توهان کي ۽ توهان جي دِل کي جهوُمائيندا. اِن لاءِ مون هر رچنا ۾ سوَليِ
۽ سِليس ٻوليءَ جو اِستعمال ڪيو آهي. جيئن ڪنهن کي بہ سمجهڻ ۾
دِقتِ نہ ٿِئي ۽ هرڪنهن کي پورو پورو ''آنند'' اَچي.

اَڄ کان ٢٥ سال اَڳ ١٩٧٥ ۾ هڪ ننڍڙو ڪتاب ''دِل جيِ ڌڙڪن'
دوست رميش شيوڪاڻيءَ ڇپايو هو. ڪافيِ ننڍيِ ۽ نادان عمر هئڻ ڪري
اُن جي هڪ بہ ڪاپيِ مون وٽ محفوظ نہ آهي.

گهڻو ڪري ڀارت ڀر جي سڀني اَخبارن، مخزنن، رسالن ۾ مُنهنجو
رچنائون شايع ٿينديون رهنديون آهن. آڪاشواڻي، آل اِنڊيا ريڊيو
دور درشن (راجڪوٽ) تان بہ ڪيترن ئي مشاعرن ۾ رچنائون پيش ڪري
چُڪو آهيان.

مُنهنجو هيِ ''غزل سنگرهہ'' توهان جي هٿن ۾ پهچائڻ ۾ داد
شري لڪشمڻ ڏُٻي، پياري دوست شريچندي ڏُٻي مربي دوست دلپ
آهوجا ''ميوُر'' دوست سريش آهوجا، دوست نريش آهوجا (احمدآباد
دِل عزيز دوست منوهر ويڌاڻي (جهوناڳڙه) وغيره جي ساٿ سهڪار لا
مان سڀني جو تهدل شُڪر گُذار آهيان.

اَڪادميءَ جي اَسسٽنٽ رجسٽرار شري نرمل گوپلاڻيءَ ۽ ڊاڪٽ
جيٺو لالواڻي صاحب جو جو بہ مان شُڪر گُذار آهيان.

سنڌي ساهتيہ اَڪادمي گانڌينگر گجرات جو بہ مان آڀاري آهيا
جنهن جي ماليِ مدد سان هيِءُ ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

- گوبند ريجهواڻي ''آنند''

جھلڪ سندس شاعريءَ ۾ بہ نمايان آھي. ھن کي اِھو وِسارڻو ناھي تہ
ننجا پاڻڪ صرف گجرات جا نہ آھن بلڪ ھندءَ سنڌ جي پاڻڪن کي بہ ھنکي
نگاھہ ۾ رکڻ گھرجي. مُنھنجو اِشارو ھنجي ٻوليءَ ۾ مڪاني اَکرن جي اِستعمال
انھن آھي، جيتوڻيڪ ھيءَ پرورتي سپاويڪ حدن تائين روا پڻ آھي.

اَڄوڪي شاعري رِوايت کان گھڻو پري نڪري وئي آھي! گوبند
راڻي پيچري جو پانڌي آھي. اَڄ جي اِنسان جون ذھني قوتون زندگي
اَدب کان ڪجھہ ٻئي نموني جي گُھرَ ڪن ٿيون، تڏھن بہ ڪيترا اَھڙا
عر گوبند وٽ آھن جي اُن قسم جي پاڻڪن جي پياس ٻُجھائي سگھن
، ڪي نمايان بند :

جو ڪجھہ دنيا منجھہ ڏسان ٿو
سو رچنائن منجھہ لکان ٿو

زندگي اَڻ ڏٺو حادثو آھہ ڪو
ڪنھن جي بگڙي تہ ڪنھن جي ٿي سنوري وڃي

مِلي پيار جنھن کي سو جھوُمي ناچي ٿو
نشو اَھڙو ڪونھي شرابن ۾ يارو

پُڇي حال ڪوئي اَگر ڪو جي ھن کان
سرءُ جي پنن جان ڇڻي پيو ٿو ھردم

ڏسي ھڪ ٻئي کي دُکھي مُرڪ مُرڪن
مگر ڳُل نہ چاھت جا دِل ۾ ڪي مھڪن

ڪو شڪ نہ آهي تہ ڪوي يا شاعر ڪنهن ڳولها ۾ لڳل آهي! تحقيق زماني ۾ ڪنهن ذهين اِنسان جي دِل لڳڻ ناممڪن آهي، اَگر ڪو ڳهرو - سنويدنشيل (Sensitive) اِنسان آهي تہ هنجي دنيا ۾ دِل لڳڻ مشڪل آهي. دِل جو نہ لڳڻ ڪنهنکي مئڪدي ڏي وٺي وڃي تہ ڪنهن کي شاعريءَ ڏانهن! جہان ۾ هڪ چوٽي آهي تہ اُهو گهر ياڳ وارو گهر آهي جنهن گهر ۾ ڪو ڪوي پيدا ٿو ٿئي! سنسڪرت ۾ ڪاويہ کي برهمانند جو سڳو ڀاءُ سڏيو ويو آهي. (ब्रह्मानंद सहोदरः काव्यम्) هيءَ ڳالهہ ڪوِتا جي اُن سوَروپ - اُن پرڪار جي آهي جا ڪوِتا محض ڪوي سڏائڻ جي ڪائل نہ آهي. مشهوري يا مقبوليت جي غلام ناهي. ڪوي سڏائن تہ ڪيترا پر ڪوي هوندو ڪو وِرلو آهي. اِهو بہ سچ آهي تہ ڪوِتا لکڻ جي شروعات ڪوي سڏائڻ جي چاهنا ۾ سمايل آهي، ڪو وِرلو اِن چاهنا کان ٻاهر نڪري ڪوِتا يا شاعريءَ جي اونچائن تي پهچندو آهي.

گوبند ريجهواڻي 'آنند' جي غزلن جو هي ڳُٽڪو جنهنجو عنوان رکيو اَٿس ''مُنهنجا غزل'' - سندس ڪاويہ - ياترا جو شروعاتي قدم آهي. سياويڪ آهي پيار جو پهريون خط لکڻ ۾ وقت لڳندو آهي. ڪيترائي دفعا خط لکي ڪري ڦاڙي ڦِٽو ڪري ڇڏڻو پوندو آهي. گوبند ڪيترا شعر لکي ڪري ڦاڙي ڦٽا ڪيا آهن سو تہ پاڻ ڄاڻي پر جيڪو ڪجهہ هُن سچڻ هِن مجموعي ۾ پيش ڪيو آهي اُن تي سرسري نگاهہ وجهڻ سان ائين لڳي ٿو تہ ايترو جلد ڪنهن کي مڪمل جهان نہ ملندو آهي. ڪٿي زمين تہ ڪِٿي آسمان نہ ملندو آهي. اِن ۾ بہ ڪو شڪ نہ آهي تہ هن پنهنجن ڪوشڻن ۽ نازڪ پنکن سان اُڏام ڀرڻ جي پُرجوش ۽ پُرزور ڪوشش ڪئي آهي. ڪٿي فن پٺيان ڪان پري آهي تہ ڪٿي مفهوم جو مسئلو! هِن اوستا ۾ اِهو سياويڪ بہ آهي.

گوبند هڪ سڌو - سنواڻوءَ نماڻو نِهنو شخص آهي، جنهنجي صاف

غزل ۱

آنند غزل ۾، آٽي تو ڪوڪو،
آنند غزل جو، ماٽي تو ڪوڪو.

هرڪوئي نہ ڄاڻي تو بحر ۽ وزن ڪي،
عِلمَ ۽ عِروضَ ڪي بہ سُڃاڻي تو ڪوڪو.

دِلڪش غزل ڪو جوڙڻ، راند نہ آهي،
غزل مثل ڪتڻ ڪي، واڻي تو ڪوڪو.

ڄاڻ رکڻ وارو، منٽن ۾ جوڙي،
آنند وٽڻ ڀِي، ڄاڻي تو ڪوڪو.

"آنند" غزل منجهہ اَلوَڪِڪِ ٿئي تو،
مؤج غزل جي بہ ڀِڇاڻي تو ڪوڪو.

ڪري پاپ هردم ٻڇي جو نہ رب کان
نہ سو پاڪ ٿيندو گنگا جي ڇنڊن سان

ڪنن منجهہ ڪاچ گنگنائي وڃن ٿيون
ڪو پيغام شايد ڏين ٿيون هوائون

ترا سان پڪ ملڻ جي لئہ لُڇيو هوندو گگن سارو
اِهو ٺي اُپ ۾ ترتيءَ جو پُراڻو داستان آهي.

پلي چنڊ تي آ وڃي چونہ پهتو
سگهيو پر مي جيتي دليون ڪنهن جون ناهي

اَسان پاڻ کي ڪين آهي سُڃاتو
اَلا ڪير آهيون نہ آراز ڄاتو

وڏا پاڪ ٿوَ جو ڏسي سنڌ آيوَ
مُبارڪ اَٿوَ جو گهمي سنڌ آيوَ

هن سِڌي وات جي شاعر وٽ نہ ڪو وڪڙ آهي نہ ڪا طنز آهي، نہ ڦ
ڪاوڙ آهي نہ ڪو نشو آهي، نہ ڪو ڏاڍ يا نہ ڪو ڏمر، پنهنجي رِواية
ريت سان رمندو پيو رهي، ڪٿي صلاح پيو ڏي، ڪٿي ساهي پيو پٽي
اُميد آهي هن مڪام کان بہ اَڳتي وڌندو ۽ سنڌي اَدب جي خدمتن جو
اَنيڪ منزلون طئہ ڪندو ڪجهہ کوجيندو تہ ڪي اَڻميا موتي بہ پائيند

- **لڪشم**

'Kavyam', Gandhari Gali, Kaziwada, JUNAGADH - 362001
(Gujarat) Mob. : 09323735932

غزل ٣

رڳ رڳ ۾ آن، تون ئي سمائي،
دِل ۾ تو سان، آهہ لڳائي.

تو بِن آهيان، آءٌ اَڌوُرو،
تو بِن دنيا، مُنهنجي اَجائي.

روشن مُنهنجو، توسان جيوَنُ،
ڪوڙ نہ آ پر، آهہ سچائي.

سڀ ڪجهہ تو پويان مون وڃايو،
ڪين ڪجان تون، ڪا بي وفائي.

تو بن ڪٿي ڪا، نهندي رچنا،
او ڪلپنا! تون، ڏِڄ نہ جُدائي.

غزل ۲

مِلي غم تو جنهن کي، سو شاعر ٿئي ٿو،
وني ڳيانُ جيڪو، سو ماهر ٿئي ٿو.

سگهارو بدن جو، مگر دِل جو هيڻو،
بهادر نہ پر، سو تہ ڪانئر ٿئي ٿو.

ٻليِءَ جان لَڳي جيڪو، دنيا سچيِءَ کي،
سو باندر مثل ئيِ، ڪو ماهر ٿئي ٿو.

هلن ٿا مکوٽا، لڳائي کي مُنهن تي،
لکل روپ وقتيِ ڪو ظاهر ٿئي ٿو.

ٿئي ٿو جو چالاڪُ حد کان وڌاري،
اَندر هڪ، ٻيو ڪُجهُ، سو ٻاهر ٿئي ٿو.

غزل ۵

زندگيِ بس ائين ئيِ تيِ گُذريِ وجي،
جئن اَچيِ ياد کا ڳالهه وِسريِ وجي.

موتَ کائي تيِ جئن لهر مهراڻ جيِ،
ٻُدٻُدي مان هوا اِئن تيِ نڪريِ وجي.

زندگي جڻ تہ شبنم جو قطرو آ هڪ،
جو ٻڏيِ ٻاڦ پل ۾ تو اُڏريِ وجي.

ڪئن نہ بجليِ ڪري تيز چمڪات تيِ،
هر جڳهہ کي پُسائي کا ڪَڪِري وجي.

زندگي اَڻ ڏٺو حادِثو آهہ ڪو،
ڪنهن جيِ بگڙيِ تہ ڪنهن جيِ تيِ سَنوِري وجي.

غزل ۴

جو ڪُجهہ دنيا منجهہ ڏسان ٿو،
سو رچنائن منجهہ لِکان ٿو.

سوچ جا گهوڙا، ڊُڪَنِ ٿا جڏهن،
قلم کڻي مان، لکڻ وِهان ٿو.

راتِيان - ڏِينهان خابَ ڏسان جي،
تِنِ کي گيتن منجهہ ڪٿان ٿو.

جي سچائي يي، ڪا اَچي سامهون،
تنهن جو پِڻ مان، ذکر ڪيان ٿو.

قدرت جي آ، ڪِرامت نياري،
تنهن جي يي تصوير چِٽيان ٿو.

لُطُفُ اَچي ٿو، مونکي لکڻ ۾،
هردم سو ''**آنند**'' وٺان ٿو.

غزل ۷

اَسان وٽ اَچو، واٽ ويٺا نهاريون،
اَڱڻ پنهنجو پيا ٿا، ٻُهاري ٻهاريون.

سجائي آ سيجا، عطر گُل ڇِٽيائن،
ڏسو ڪيتريون اَڄ، ڪيون ٿم تِياريون.

اَچو ها ڙي ! هيڪر، ڏسڻ حال جيڪر،
دُکي زندگيِ ٿا، توهان بِنِ گُذاريون.

ڪيو دوُر ڇو ٿوَ؟ ڏني ڇو سَزا ٿوَ؟
ويون ڪيڏِيون گُذري، هوليون ۽ ڏِياريون.

خطا ٿيِ آ ڪهڙي؟ سبب آهہ ڪهڙو؟
محبت آ ڪيڏيِ، اَسان ڪئن ڏيکاريون.

اَٿم پڪ تہ ايندَوَ، ضروُر هڪ ڏِهاڙي،
نهاريون ڪٽيِ ٿا، اَکيون آش واريون.

نہ آ چَينُ من کي، نہ دِل کي ڪو ”آنند“،
جُدائي ۾ تڙڦي، اَکين آبُ هاريون.

غزل ٦

زندگيءَ جو نہ آ ڪو ڀَروسو،
سُواسُ نِڪِري لڳي واءُ ڪوسو.

ڪين رهڻو آ هِتِ ڪو هميشھ،
آهہ وڃڻو هِتي آيو جو سو.

ڪُجھُ ڪٽي ڪِين ويندين هتان تون،
يارا! اَيِمانُ آ تو ڪيو ڇو؟

ڪر ڀلائيءَ جا ڪم تون، اَي بَندا!
پاپ گھڻڙيِ ڀريِ آهہ تو ڇو؟

هل نِياڻي تون سڀ سان، اَي پيارا!
زندگيِ ڪِين آهي ڪو رَونشو.



اَدِبي چَمَنَ جو گُلُ مان آهِيان،
اَدَبَ جي خوشِبوءِ نِتِ ڦهلايان،
آهِ اَدَبَ ۾، مونکي تہ رُچيِ،
آءٌ اَدَبَ ۾، ”آنند“ پانيان.

”آنند“

غزل ۸

هليو وڃ اَي پيارا! سِتارَنِ ڏي هيڪر،
ڪٽيِ وڃ نِياپو، تون يارن ڏي هيڪر.

خبر ڪا اُتان جيِ، ڪٽيِ اَچ سُتيِ تون،
اَچيِ سبز ڪر تون، بهارن کي هيڪر.

پتو پيِ نہ آهي، ڪو مون وٽ اُتان جو،
پُسان ڪئن ها پنهنجن، مان پيارن کي هيڪر.

ڏِڏايو اَچيِ حال مونکي اُنهن جو،
چوان پيو تو مان، چنڊ تارن کي هيڪر.

اَچيِ چاڻ تِنِ جيِ، ڪندا پيِ ڏين ڪا،
چُميان مان تہ تِنِ سيِنيِ خارن کي هيڪر.

چوي دِل تيِ روئيِ، اِهو ئيِ تہ هردم-
ڏِسان پنهنجي، مان جيِء جِيارن کي هيڪر.

اَتئہ يار مُنهنجا، سچا سي ئيِ ساٿيِ،
مِتا! سمجهہ مُنهنجي، اِشارن کي هيڪر.

بنان تِنِ وِٽيِ ڪيِن، ڪُجهُ پيِ تو مونکي،
ڏسان ڪئن اَڪيلو، نظارن کي هيڪر.

غزل ۹

لڳي نار سُندر، حجابن ۾ يارو!
سُريلو سنگيت آ، ربابن ۾ يارو.

جُدائيءَ ۾ عاشق، اَکين آبُ هارن،
مزو عشق جو آ، عذابن ۾ يارو.

اَچي مَهڪَ معشوق جي جسم مان ٿيِ،
نہ خوشبوءِ رُڳو آ، گُلابن ۾ يارو.

نظر ڪيِن آئيِ، محبت ڪٿي سا،
لکيل جيتِريِ آ، ڪتابن ۾ يارو.

مِلي پيار جنهن کي، سو جهُومي نچي ٿو،
نشو اَهڙو ڪِٿي؟ شرابن ۾ يارو.

هلي جو رکيِ ڊِوَنگ وڏ ماڻِهپي جو،
رهي اَڪ ٿيِ اُن جيِ، خطابن ۾ يارو.

ٻڌيا مرد اَچ جِڻ، ڳُجهن جي برابر،
رکن ٿا نظر بس، شبابن ۾ يارو.

اَٿم ڪيِسو خاليِ، هلان فخر سان تہ بہ،
ڪجهو نالو شامل، نوابن ۾ يارو.



ڇَپايو آهِ پُستَڪُ هيءُ، عِنايَتَ دوسِتَنِ جيِ آ،
لِکيِ چو ٻُڪَ پَرِيا ٿَمِ مان، شِڪايَتَ دوسِتَنِ جيِ آ،
مَحان اَحِسانُ تِنِ جا مان، پَلايوُنِ جِنِ ڪَيوُنِ موُنسان،
وَڏا ٿَمِ پاپَ، ٿيِ حاصَلُ، مُحِبَتَ دوسِتَنِ جيِ آ.

''آنند''

غزل ١١

رُڳو سوُر پنهنجا، ڳڻي پيو تو هردم،
ڏُکن کي رکي ۽ کڻي پيو تو هردم.

وِساري آ ويٺو، سُکن جا لَمحا سڀ،
ڏُکي پنهنجي هٿ سان، بڻي پيو تو هردم.

نہ وِشواس خود تي، رکي تو بشر جو،
سو اَنڌا گُلَرَ ئيِ، جڻي پيو تو هردم.

رکي کينِ مُنهن تي، ڪڏهن مُرڪَ ڪائيِ،
فقط پوک غم جيِ، لُڻي پيو تو هردم.

پُڇي حال ڪوئي، اَگر ڪو جي هن ڪانِ،
سرءُ جي پنن جانءِ، ڇڻي پيو تو هردم.

رهي خوش سدا جو، وساري غمن کي،
سو اِنسانُ سڀ کي، وڻي پيو تو هردم.

غزل ١٠

نظر سان نظر کي، مِلائي تہ ڏِسُ تون،
محبت جو مَچُ کو، مَچائي تہ ڏِسُ تون.

تِئي درد پئدا تہ تڙڦي ٿي دِل ڇو؟
جگر پنهنجو گهايل، بڻائي تہ ڏِسُ تون.

ڪِلي پل زمانو، نہ پرواهہ ڪر ڪا،
سُهانا ڪي سپنا، سجائي تہ ڏِسُ تون.

مِلن عشق ۾ اَشِڪَ ٿا يار! هردم،
اَکين مان ڪي آنسون، وهائي تہ ڏِسُ تون.

ڀُڏائڻ سان ٿيندو آ، ڪُجُهہ بارُ هلڪو،
ذرا داسِتانُ من! ڀُڏائي تہ ڏِسُ تون.

سهڻ ۽ لِڪائِڻ بہ مُشڪل آ ٿيندو،
ها، بي چَينُ ٿِيندين، لِڪائي تہ ڏِسُ تون.

نہ آهي ڪو سؤلو، ٿيڻ مَجنوُ هِتِڙي،
اي "**آنند**" خود کي، بڻائي تہ ڏِسُ تون.

غزل ١٣

يلا ! ڇوتا رشتا، لڳن بار اَڄ ڪلهہ،
۽ مِتَ تا مِتن ڪان، رهن ڏار اَڄ ڪلهہ.

نياءُ جي خاطر، نيائن تا ڪي ڇڻ،
رکن ڪين دِل ۾، سچو پيار اَڄ ڪلهہ.

اَتوَ مطلبيِ سڀ، هيِ اِنسانَ اَڄ جا،
سوارٿ پريو ڪن تا، وهنوار اَڄ ڪلهہ.

ڇو پنهنجن ڪان وَڏِ تا، پَراوا وڻن اَڄ،
هلي تو پراون سان، سنسار اَڄ ڪلهہ.

رکن تا سچيِ ڪين، چاهت ذرا ييِ،
لڳن سڀ تا نفرت سان، تِمتار اَڄ ڪلهہ.

غزل ١٢

تا خوابن جا محلات، ناهن ڪي ماٺهو،
۽ خيالن سان گهر تا، سجائن ڪي ماٺهو.

لڳائي تا ڇَهِري تي ڇِهِرا هلن ڇڻ،
رُڳو پاڻ پنهنجو، لڪائن ڪي ماٺهو.

رڪن دِل ۾ هڪ ڳالهہ، چپ تي رڪن ٻيِ،
بڻيا نانڊڪيِ ڇڻ تہ آهن ڪي ماٺهو.

ڪو ڏيرج ديا اَڄ، رهيو ڪنهن ۾ ناهي،
مِٽيِ مُنهن تي چاڙهن ۽ لاهن ڪي ماٺهو.

ڏسيِ هڪ ٻئي ڪي، ڏِڳهيِ مُرڪَ مُرڪَنِ،
مگر دِل سچيءَ سان، نہ چاهن ڪي ماٺهو.

سچو رنگ بي رنگ جڳ جو ڏسون پيا،
رُڳو بس ڏسڻ جا ئيِ، آهن ڪي ماٺهو.

غزل ١٥

نہ جنهن زندگيءَ جو، آ ڪو مرم ڄاتو،
حياتيءِ کي تنهن آ، نہ پورو سڃاتو.

ڏسي روشَ مُنهنَ جا، وني دِل پڙهيِ جو،
نپائي ”سو جهڙي سان تهڙو“ ٿو ناتو.

رکي ڄاڻ جيڪو، نہ وهنوار جيِ ڪا،
اَتوَ تنهن تہ وِک وِک تي، نقصان پاتو.

خواهش نہ پوري، ڪا ٿئي جنهن بشر جيِ،
هلي ٿيِ ٿو بي چَينُ، پيِلو ۽ راتو.

ڪري خوب ڳالهيون ٿو، جيڪو مدد جون،
مگر وقت تي ڪين ڏسجي ٿو آتو.

جڏهن دور پنهنجا، هليا سڀ وڃن ٿا،
لڳي خود کي اِنسانُ، بوڙو ۽ ٻاتو.

پريو مُلڪ پيو آ، دُکن ساڻُ سارو،
دُکن جو نہ دنيا ۾، آهي ڪو کاتو.

راتو = ڳاڙهو... هي لفظ گُجراتي آهي.

غزل ۱۴

ڏسي هڪ ٻئي کي، ڏکھيِ مُرڪ مُرڪن،
مگر ڳُل نہ چاهت جا، دِل ۾ ڪي مھڪن.

ٻڌائن ٿا، ’’مان-مان‘‘ ڪري خود کي هردم،
رُڳو پاڻ کي وَڏِ، ٻين کان ٿا سمجھن.

دِليون جن جون ننڍڙيون، ۽ من جن جا سوڙها،
قدم چار گڏ ٿا، هلڻ منجھہ ٿڪجن.

ٻوي ڪم اَگر ڪو نہ ڪن چاپِلوُسيِ،
وجي ڪم ٿيِ پوُرو تہ ڳولھيا نہ ليڄن.

سدائين ٿا ڪن جيڪي ساراهہَ پنھنجيِ،
ڀلا تِن مان کھڙيون، اُميدون ڪي رکجن.

غزل ١٧

گُلن منجهہ آ سوُنهن، تِيندي ڪندن سان،
۽ بدماش تِيندا، سِدا تو ڏندن سان.

نہ ڏونگر ڪو ڏاري، سگهندو ڪڏهن سو،
رکيِ دوستي جو، هلندو مندن سان.

نہ تنهن جي ڪا ناموُس، تِيندي جڳت ۾،
رکي تو جو ياري، سدائين چندن سان.

رڱو دال چانور، پڌو منجهہ پوَندس،
هميشهہ جيڪو گڏ، رهندو ڪندن سان.

ڪري پاپ هردم، ڊجي جو نہ رب کان،
نہ سو پاڪُ تِيندو، گنگا جي چندن سان.

ڪري جيتَ حاصل، ڪڏهن سو نہ سگهندو،
جو اَتِڪائِيندو هٿ، سَگهارَنَ پِنڊَنِ سان.

ڪجي ڪين بانوَرُ، ڪڏهن روپ، زر جو،
رکيِ هلجي نِوِڙَتَ، وڏن ۽ ننڍن سان.

سگهارو پِنڊُ = ٿُلهو مَتارو

غزل ١٦

بنان چاهہ ڪنهن سان، ملڻ آ اَجايو،
بنان ڀاڱ جڳ ۾، جيئڻ آ اَجايو.

نہ ڪڙتيل جنهن مان، سگهي ڪوئي نڪري،
ڦنيان تنهن جي پورهيو، ڪرڻ آ اَجايو.

هجي ٻل ۾ ٻيٺو، اَگر ڪوئي دُشمن،
رکي ويرُ تنهن سان، وڙهڻ آ اَجايو.

وڏي يا ننڍي جي، شناخت نہ جنهن کي،
دليلن ۾ تنهن سان، ٻڌڻ آ اَجايو.

ڪڏهن ڪين ڪنهن جي، اَچي ڪم جو مالهو،
تہ اَهڙي بشر جو، هجڻ آ اَجايو.

آ چاهت تہ ٻنڌَنُ، ڪڇو جڻن ڪو ڏاڍو،
رکي شَڪُ ڪو تنهن ۾، ڇڪڻ آ اَجايو.

جُڙيو جنهن سان جنم-و-جنم جو آ رِشتو،
نِڀائڻ آ بهتر، ڇِنَڻُ آ اَجايو.

غزل ١٩

نصيِبُ جنهن جو زور آهہ هن جَهانَ ۾،
سو ڪامِيابُ ٿيو آ، هر ڪي اِمتِحانَ ۾.

هجي ڪو اَجنَبِي تڏهن بہ، دِل کي ٿو وڻي،
ڪري ٿو ڳالهہ-ٻولهہ جو، مِٺي، زِبانَ ۾.

جتي کٿي ٿو خُوب مانُ، پائي سو بشر،
رهي نٿو ڪڏهن بہ جيڪو، ڪنهن گُمانَ ۾.

هلي نِمي جو سڀ اَڳيان، رکي نہ گهمنڊ ڪو،
وجي ٿي عمر ساري گذري، تنهن جي شانَ ۾.

بڻي آ زندگاني تنهن جي، هِت سڄڻ! سڦل،
رهي جو هر بندي جي، هردي جي مَڪانَ ۾.

غزل ١٨

گُل گُلشن ۾، ٽِڙندا رهندا،
تارا اُڀ ۾، ڪِڙندا رهندا.

قُدرت جو دستوُرُ اِهو آ،
ڀونئَرُ گُلن تي، مِڙندا رهندا.

”ڀِچ-ڀِچ“ ڪان جي، ڪيٻائيندا،
وِڪ-وِڪ تي سي، ٿِڙندا رهندا.

آهه غُصو چِڙ، جِن جي فطرت،
هر ڳالهه ۾ سي، چِڙندا رهندا.

ويرُ رکي جي، هلندا هردم،
سي تہ سدائين، وِڙهندا رهندا.

ڪنهن کي سُکيِ نہ ڏسي سگهن جي،
ساڙ سڙيا سي، سڙندا رهندا.

پُونجيءَ پويان، جي ڊُڪندا، سي
لوڀ ۾ لوڀِي، مرندا رهندا.

غزل ٢١

ڏسي شبنم چوي دِل تي، رُنو پڪ آسمان آهي،
پنن تي هيءَ پلا ! آلاڻ، نہ تہ آئي ڪِٿان آهي؟

ذرا سان پڪ ملڻ جي لئہ، لُڇيو هوندو گگن سارو،
اِهو ئي اُپ ۽ ڌرتيءَ جو، پُراڻو داسِتان آهي.

وهائي لُڙڪ پنهنجا پيو تو اُپ، سِڪَ پنهنجي ڏيکاري،
بڻي جل ماڪ، ڌرتيءَ تي ڪريو آڪاش ماڻ آهي.

قُڙا شبنم جا چمڪن ٿا، بڻي موتي ۽ ماڻِڪَ جڻ،
مِلي سوغاتَ * اَوِنيءَ کي، ڪا قدرت جي هٿان آهي.

ڏسي سج کي لِڪائي پاڻُ تي شبنم، اَيامن کان،
شرم لڄ جڻ تہ شبنم ۾، بچي ڪافي اَجاڻ آهي.

---

* اَوِني = ڌرتي

غزل ٢٠

درن ۽ درين مان، اَچَنِ تيون هوائون،
گهڙيِ چُپ نہ ڪِٽِ پيِ، وِهنِ تيون هوائون.

چَمَنَ ۾ جڏهن هيِءُ، گُهمڻ لئہ وڃن تيون،
کڻيِ سان خوشبوء، هلَنِ تيون هوائون.

بگاڙيِ جڏن موڙُ، بدبوء سان سڀ جو،
جَڏهن کنهن گٽر تان، لَنگَهِن تيون هوائون.

ڪري ناس دنيا، سڄيِ ۽ کي جڏن هيِءُ،
جي طوُفانُ بڻجي، پَوَنِ تيون هوائون.

پوي تي، تيِ پوسات، تن ۽ بدن ۾،
جڏهن ڪين کِنَ-پل، لَڳَنِ تيون هوائون.

سياري ۾ سڀ کي، ڏکائِنِ پلي، پر-
اونهاري ۾ سڀ کي، وَڻَنِ تيون هوائون.

اَچَن جيڪڏهن تيون، هيِ برسات سان گڏ،
ڇڱو مُلڪ ناراضُ ڪَنِ تيون هوائون.

ڪنن منجهہ ڪُجهُ گُنگُنائيِ وڃن تيون،
کو پيغام شايد، ڏِيَنِ تيون هوائون.

کڻي مهڪ مون جيان، هلو سڀ اَي ”آنند“!
اِهو مُسڪِرائي، چَوَنِ تيون هوائون.

غزل ٢٣

بنان رُتِ ڪڏهن ڪين گُل ڪو کِلي ٿو،
بنان ڀاڳ-ڪُڇُ ڀي نہ ڪنهن کي مِلي ٿو.

نہ ڪنهن جي بہ وس ۾، هتي ڪُڇُ آ يارو!
بنان رب جي مرضيءَ، نہ هڪ پن هِلي ٿو.

ڪري ٿو سو نقصانُ، پنهنجو سدائين،
ڏسي خوش جو ٻين ڪي، حسد ۾ جَلي ٿو.

سڦل زندگيِ ٿو، ٻڌائي هتي سو،
چڏي هٺ وڏائي، نِمي جو هلي ٿو.

رهي جنهن کي خود تي، ٿو وشواس هردم،
گِهڙي جنگ ۾ سو، بنان ڦافِلي ٿو.

ڪري خلق جيِ ٿو، جو خدمت خوشيءَ سان،
سدا اِيشوِر تنهن ڏي، سُک موڪِلي ٿو.

غزل ٢٢

ڪاوِڙجُ نہ ٻڌيِ، سَچُ تون پيارا!
ڌُڪِل پرائي نہ، نَچُ تون پيارا.

جي تون چاهين، ياري نڀائڻ،
ڏُک ۾ ٻوڙيِ، اَچُ تون پيارا.

ٽپت اَچي جئن، ساري جڳ کي،
ٻارِ کو اَهڙو، مَچُ تون پيارا.

پاڻ وڃائڻ، چاهين پنهنجو،
تہ، اول خود کي، جَچُ تون پيارا.

ڄاڻو ناهين، هر ڪيتر جو،
ڄاڻَ ڪين ٿو، ڳَچُ تون پيارا.

هرڪو نچائي، آڱرين تي پيو،
بڻج نہ اَهڙو، ڪَچُ تون پيارا.

سچ کان موڙي مُنهن کي هردم،
خوابن منجهہ نہ، رَچُ تون پيارا.

مِٽِ مٽ ڪري نگِن ٿا جيڪي،
تِنِ يارن کان، بَچُ تون پيارا.

غزل ۲۵

يا اللہ! پيٽ جو رب، ڏنو آدِميءَ کي،
ڪري جنهن ۾ پوُرو، ڇڏي زندگيءَ کي.

رهي پيٽ لئہ تو، جو مشغول هردم،
سگهي سو نہ ماڻي، ڪڏهن ڪنهن خوشيءِ کي.

ٿئي تي ختم زندگيِ بس اِئين ئيِ،
ڪري جئن ٿيِ اوندھ، ختم روشنيءِ کي.

ڪي ڪن پيٽ خاطر ٺا، چوريون چَڪاريون،
سگهن تہ بہ نہ ميٽي، سي بَدِ قِسمَتيءَ کي.

ڪيو ڪرم جنهن آ، هتي دِل لڳائي،
ڏنو ڪين تنهن آ، ڪڏهن ڪنهن تنگيءِ کي.

ڪجي دانُ - پُڄُ جي، ٿئي باجھہ رب جيِ،
ڪڏهن ڪين ڏُکُ ڪو، ڏجي ڪنهن دُکيءُ کي.

غزل ٢٤

اَڳيان رب جي اِنسانُ مجبور آهي،
سگهيو ڪين پنهنجي آ، هڪ پي هلائي.

شيؤن ڪيترين هن، تہ نقلي بڻايون،
مگر ڪين هڪ پَنُ، سگهيو هي بڻائي.

ڪيا هن تہ حيرَتَ ڀريا ڪارِناما،
نہ آهي مگر هڪ، سگهيو جيڪو ناهي.

پلي چنڊ تي آ، وڃي چونہ پهتو،
سگهيو پر هي جيتي، دِليون ڪنهن جون ناهي.

ڏُڏي تي جي ڌرتي، مچي تي تباهي،
ڪري ڪين تنهن کي، سگهيو وَسَ ۾ آهي.

اَڳيان رب جي بندو تہ، هيٺو ئي رهندو،
نہ تنهن کي هي سگهندو، ڪڏهن پي جُهڪائي.

۱۰-۱۱ جنوري ۲۰۰۲ تي جهوناڳڙهه سيمينار وقت نڪتل هڪ يادگار تصوير



کابي کان ساڄي بيٺل : سروشري سريچند ڏُبي، شهر جو هڪ ناگرڪ، لڇمڻ ڏُبي، گوبند ريجهواڻي ''آنند''، راڌيشيام ڏُبي، رتن آڏتاڻي، شهر جو هڪ ناگرڪ، ايس.ڊي. بصراڻي ۽ رميش ڪرشناڻي.

کابي کان ساڄي ويٺل : سروشري مُرليڌر جيٽلي، جڳديش لڇاڻي، ٻلديو مٽلاڻي، هيرو شيوڪاڻي، شريمتي هيرو شيوڪاڻي، اِندرا واسواڻي، سُندر اَگناڻي، واسديو نرمل، ڪرشن راهي، مايا راهي، شيام جئسنگهاڻي، لڇمڻ ڀمڀاڻي، هري موٽواڻي، ستيش روهڙا ۽ اَرجن حاسد.

غزل ٢٦

جڏهن برسات تي برسي، لڳي ڌرتي تي ڌُلهن جان،
پهاڙن جون لڳن چوٽيون، جَوان عورت جي اُرهن جان.

ڪري عاشق محبت تو، جڏهن معشوق سان ڇڙي،
برهہ ۾ تنهن جي آنسون تو، وهائي جڻ تہ ساوڻ جان.

زماني کي لڳو آ رنگ، هيِ کهڙو سوارٿ جو،
سوارٿ ۾ لڳي تو ياءُ سڀو، ڀيِ ڇو ري! دُشمن جان؟

بڻيا اَڳوانَ اَڄ ڪلهہ جا، ٻُڪيا ووٽن جي خاطر ٿوَ،
نہ ڪن شيوا ڪا پرجا جيِ، هڻن بس ڏنگَ نانگن جان.

نہ مريادا رهيِ آ ڪا، وڏن جيِ هاڻ دنيا ۾،
ڪرِيا ٿوَ ٻار ”ٽيِ-ويءِ“ مان، هلن ٿا پيا بي گانن جان.

بڻيو اَڄ آهہ جڳ سارو، پٽيان فئشن جي ديِوانو،
شرم لڄ ڪا رهيِ ناهي، هلن زالون بہ مردن جان.

بڻيا اَڄ مرد ڀيِ آهن، حُسِن وارن تي جڻ پاڳل،
ڏسن ڪا خوبصورت شيءِ، مرن تنهن تي ٿا پوَنئرن جان.

غزل ٢٧

نہ آهي پيار، اَهڙِي شيءِ، وڪامي جا دڪانن ۾،
نہ ئي ڪو هيءُ، نهندو آ، وڏن ڪِنِ ڪارخانن ۾.
اَتو اَحساس دِل جو هيءُ، تِئي محسوس سواسن ۾،
ڪري هت تو محبت جو، اُڏامي سو تو خوابن ۾.
رهي چاهت سدائين تيِ، جگر جي ئيِ مڪانن ۾،
محبت پيش نظرون ڪن، ذڪر تئي ڪين، بيانن ۾.
جُهڪائي عاشقن ڪي ڪو، نہ آ شڪتيِ زمانن ۾،
مچيندا هار ناهن هيءُ، وجهو پل قيد خانن ۾.
سچائيِ ئيِ تيِ گُهرجي بس، نہ چاٽي هيءُ بهانن ۾،
وجي عاشق جو جيونُ تو، سدا سپنن سُهانن ۾.
محبت راندِ ناهي ڪا، ڪجي جا ڪِنِ مَيدانن ۾،
گِٽپ تيِ عاشِقن جيِ تئي، رُلو پاڳل ديوانن ۾.
نہ آهي پيار ڪا مَدِرا، وجيِ پيئجي مغانن ۾،
ڪري تيِ روشنيِ چاهت، دل-اي-اُجڙيل ويرانن ۾.
تين رشتا تا جڳ ۾ جي، جُڙن تا آسِمانن ۾،
اَمر تيِندي محبت آ، چيل ڏوَ داسِتانن ۾.
تئي راضيِ تو رب پيِ آ، لِکيل گيتا، قُرانن ۾،
اَچو، گڏجي وِرهايون پيار، پنهنجن ۽ پراون ۾.

١٠-١١ جنوري ٢٠٠٢ع تي جهوناڳڙه سيمينار وقت نڪتل هڪ يادگار تصوير



کابي کان ساڄي بيٺل : سروشري هيرو شيوڪاڻي، ايس.ڊي. بصراڻي، ستيش روهڙا، رميش ڪرشناڻي، رتن آڏتاڻي ۽ گوبند ريجهواڻي ''آنند''.

غزل ٢٩

دِل دِلبر سان، لڳي لڳيِ آ،
دِل منجهہ گهنتيِ، وڳيِ وڳيِ آ.

واجب ڳالهہ چوڻ آ بهتر،
هٽبيِ نہ ڪڏهن، جهڳيِ جهڳيِ آ.

ڪنهن تہ ڪئي ڪا، آهہِ شرارت،
ڳالهہ تہ ڪوُڙيِ، ڇڳيِ ڇڳيِ آ.

ماسيون چاچيون، خوُب وڻن ٿيون،
وِسريِ جَڻيِ، سڳيِ سڳيِ آ.

آهہ اَثر ڪلجُڳ جو شايد،
باسَ نہ ڪائيِ، اَڳهيِ اَڳهيِ آ.

رهجي رب جي ڀَوَ ۾ هردم،
ڪبيِ نہ ڪنهن سان، ٺڳيِ ٺڳيِ آ.

غزل ٢٨

اَڇو، اَڄ تہ نفرت کي، جڳ مان مِٽايون،
۽ چاهت جي ٻُشپن کي، دڳ ۾ وِڇايون.

مُحبت جي ڏِينَدءُ تہ وَٺندءُ سين کي،
ڏئيِ پيار جيِوَتِ کي، سڦلو بڻايون.

اَچي ڪم نہ ڪنهن کي ٿيِ نفرت اَي يارو!
رکيِ چاهہُ دِل ۾، دِليُنِ کي مِلايون.

محبت اَڳيان سڀ، جُهڪَنِ ٿا سدائين،
ڪيون دِل سان سجدو، ۽ مَستِڪُ جُهڪايون.

تين پيار سان ٿا، ٻَراوا بہ پنهنجا،
سين کي، ڏئيِ قُربُ پنهنجو بڻايون.

غزل ٣١

محبت جو نہ مونکي جامُ، دلبر! پِيارِ تون ايڏو،
مريِ بي مؤت ويندس مان، نہ ڏي مون پِيارُ تون ايڏو.

گُلابي چِلَ، نَشيلا لَبَ، مَٿان بِکريَلَ لَٽوُن تُنهِنجوُن،
نہ سُندرتا جو هيِ جَلِوو، مونکي ڏيکارِ تون ايڏو.

اَکيون ساگر مثل تُنهِنجوُن، اَٿئہ زُلِفوُن گهٽائوُن جڻ،
ڪٿيِ آئيِ حُسِنَ جو هيِءُ، ڪِٿان پِندارُ تون ايڏو.

بڻان سيِنگارَ جي پيِ، خوبصوُرتِ سوُنهن آ تُنهنجي،
ڏسيِ، مَچِلي ٿيِ دل منهنجيِ، نہ ڪر سيِنگارُ تون ايڏو.

رَهين خاموش هر پل پر، چون سڀ ٿيون اَکيون تنهنجون،
اِشارن منجهہ چاهت جو، نہ ڪر اِظهار تون ايڏو.

مَڃِيان اَحِسانُ رَبَ جو مان، مِلايو پاڻَ کي آ جنهن،
چوان تنهن کي، ڪجان هيِ قرب، وارَنوارِ تون ايڏو.

غزل ٣٠

اَڄ، ڪرايان سيرُ، توکي، اَڄ بهارن جو پرين !
اَڄ، ڏسون ڳڏجي نظارو، اَڄ ستارن جو پرين.

تو بنان سُهڻا نِظارا پِي، نہ ٿا مونکي وڻن،
اَڄ، ولون ڳڏجي مزو، سُهڻن نِظارَنِ جو پرين.

ڪر نہ ايڏا تون اِشارا، هاڻ مونکي او صنم!
وڃ ٻڌائي، آهہ ڇا مَطِلَبُ اِشارن جو پرين.

زندگي تنهنجي سهاري، شل وڃي گذري سڄي،
آهہ مونکي آسِرو تُنهنجي، سَهارن جو پرين.

پيار هڪ تنهنجو مِلي بس، آرِزو آهي اِها،
ناهہ مونکي موهہ ڪو، لک ۽ هزارن جو پرين.

دِل رهي ٿي بيقرار نِتِ، تو بنان دلبر مِٺا!
ڪجهہ تہ ڪر اَحساس، پنهنجي بي قرارن جو پرين.

غزل ٣٣

لِکيِ خط مان توکي ٿو، اَڄ سڀ ٻُڌايان،
اَٿم عشق توسان، مان توکي ٿو چاهيان.

مِليِ آ نظر مُنهنجيِ، توسان جڏهن کان،
محل پيو ٿو سپنن جا، هردم مان ناهيان.

ڪيان جنهن طَرف پيِ، نظر مان او دِلبر!
رُڳو پيو ٿو توکي ئي، حاضر مان پانيان.

محبت آ پنهنجيِ، پُراڻي يُگَنِ کان،
چوي دِل، مان جنم-و-جنم توکي پايان.

سدا مُنهنجي دِل ۾، وَسين تون ئيِ تون ٿيِ،
هنوُمانُ ناهيان جو ڪنهن کي پَسايان.

غزل ۳۲

مِلائِنِ ڪين اَڪ مون سان، نِگاهن ڪي چئي ڇڏ تون،
بڻائِنِ ڪين ديوانو، اَدائن ڪي چئي ڇڏ تون.

لڳن مونکي فِضائون تيون، ڦِڪيون سڀ تو بنان دِلبر!
اَتئہ تُنهنجي ئي دم سان هيءُ، فِضائن ڪي چئي ڇڏ تون.

جڏهن آنچل تي ڦهلائين، لڳن جهومڻ هوائون تيون،
اَچن * تيوَرَ م توسان هيءُ، هوائن ڪي چئي ڇڏ تون.

جڏهن زُلفن کي تو کوليو، لڳو ڄڻ آ گهٽا ڇائي،
نہ ڪن اَيمان ڪوئي ٻيِ، گهٽائن ڪي چئي ڇڏ تون.

شمع ڏي ڇڪجي پروانا اَچن، تئن مان اَچان تو ڏي،
ڪَشِشِ تو منجهہ ٻيِ آهي، سو شمعن ڪي چئي ڇڏ تون.

دُعائون گڏ رهڻ جون ٿو، گُهران مان ايشِور کان نِتِ،
ڏين دوکو نہ ڪو مونکي، دُعائن ڪي چئي ڇڏ تون.

---

* تيوَرُ = جوش (هيءُ لفظ هِندي آهي)



کابي کان ساڄي : سروشري جينت ريلواڻي، بنسي خوُبچنداڻي، سريچند ڏُبي، گوبند ريجھواڻي ”آنند“ وغيره ساهتيڪ روح رِهاڻ ڪندي.

غزل ٣٤

ڏِسَنِ واتَ ٿا، نيڻَ مُنهنجا نِماڻا،
اَچِي مِلُ صنم ! تون ڇَڏي هاڻِ ماڻا.

اَدا هرڪا تُنهنجِي، نِرالِي آ دلبر!
لڳي جڳ، ڀڳن ڪان ٿو توکي سُڃاڻا.

دِلين جون هِي ڳالهيون، دليون ئِي تہ ڄاڻن،
ڇَئِي ڇڏ زماني کي، مان ڪُجهُ نہ ڄاڻا.

نہ ڪر دير ڪائِي، اَچِي مِلُ سَگهو ئِي،
سما هِي سهانا، اِجهو ئِي وِهاڻا.

اَٿم پڪ تہ ٿِيندو، مِلَنُ تنهنجو مُنهنجو،
اَٿئہ تنهنجا-مُنهنجا، تہ رشتا پُراڻا.

غزل ٣٥

يار تي قُربانُ پنهنجو، سڀ ڇڏيان يارو! ڪَري،
يار کي غم ۾ ڏسيِ، جانِ ۽ - جگر منهنجو ٻَري.

يار جيِ ياري مِلي، تنهن کي آ ڄڻ ڪو رَبُ مِليو،
دِل چوي، مان يار کان ٿيان ڪين هڪ پل پيِ پَري.

يار جي ٿيِ دم سان آهي، دِل جو هيءُ گُلشن ٽِڙيو،
تنهنڪري ٿيِ يار ڏي ٿيِ، مُنهنجيِ دِل وَرَ-وَرَ وَري.

ٿيا جڏهن پنهنجا پَري، آيو ڏُکي هو يار مون،
هِنَ دِلاسو پيِ ڏنو، ياڪر ۾ هو مونکي ڀَري.

يار اَهڙا ٿيِ ڪجن، ڏُک منجهه جيڪي ڪم اَچن،
دوست سو ڪهڙو ڀلا! جو، غم ڏِسيِ پاسو ڪَري.

يار ٿا هنڙي سَچا، ڪِنِ ڀاڳوارن کي مِلن،
يار سوئيِ آ سُٺو، جنهن کي ڏسيِ پيو من ٺري.



کاٻي کان ساڄي : سروشري گووند ميلواڻي، ڪرشن راهي، گوبند ريجهواڻي ”آنند“، مايا راهي، سريچند ڏُبي وغيره ڪلچرل پروگرام وقت.

غزل ٣٧

گُلن ۾ ئيِ، تين تا خارَ، آخر ڇو؟
نِبل کي ئيِ، مِلي تيِ، مارَ، آخر ڇو؟

ڏئيِ رَتُ سَتُ، ڪجي جِنِ کي، وڏو هِتِڙي،
ٻُڌاپي ۾ تين سي ڏارَ، آخر ڇو؟

رهيِ آهي نہ مريادا، وڏن جي ڪا،
ٻٽيا ڇُڙواڳُ آهن ٻارَ، آخر ڇو؟

وٽن پنهنجن ڪان وَڌِ تا ڇو، پراوا اَڄ؟
مُٺُڪُ محفل جو تين تا يارَ، آخر ڇو؟

ٻڇي پيو تو، ڀُنيان دوَلت جي اَڄ هرڪو،
رُڳو ڏن سان، ڀرن ڀنڊارَ، آخر ڇو؟

هٽيِ ٻَفُ پاوِڏرُ مُنهن تي، هلن زالون،
رڱن پنهنجي، هٿن سان وارَ، آخر ڇو؟

ڪپت ۽ ڪوُڙ سڀ کي ٿو، وٽي ڇو هت؟
سچائيِ ۽ سان، لڳن تا خارَ، آخر ڇو؟

غزل ٣٦

سچو دوست سوئي تہ، جڳ ۾ آ تيندو،
ٻري وقت ٻوڙي، جو هر پل آ ايندو.

ڏسي يار جو غم، تئي تو ڏکي جو،
اچي سڏ ۾ سڏ سو، سدا آهہ ڏيندو.

هليا پل سمورا، وڃن دور پنهنجا،
اڪيلو هي هرگز، نہ آهي ڇڏيندو.

بنان لوڀ لالچ، ڪري تو مدد هيءَ،
دلاسو نہ ڪوڙو، ڪڏهن هي آ ڏيندو.

ڪري دل جون ڳالهيون، لڪائي نہ ڪجھ ٻي،
سچو حال هردم، هي آهي سلينڊو.

اچن زندگيءَ منجهہ، ڪيڏا بہ لوڏا،
سچو دوست، منهن ڪين آهي مٽيندو.

غزل ٣٩

قدم سان قدم جو، مِلائي هلي ٿو،
اُهو ئي تہ مقصد کي، پائي سگهي ٿو.

زماني سان جيڪو، قدم ٿو مِلائي،
سچو سُک سو جڳ منجھہ، حاصل ڪَري ٿو.

سُکيِ ڪينَ هِتِ سو، رهي ٿو ڪڏهن ٻيِ،
ٻين کي ڏسيِ خوش، سدا جو جَلي ٿو.

ڇڏي جو وچائي، مليل وقت پنهنجو،
سڄيِ زندگيِ سو، هٿن کي مَلي ٿو.

جو ٻڌجي ٿو دنيا ۾، جهڙي سا ٿِهڙو،
سدائين سو جيِوَنَ ۾، ڦولي ڦَلي ٿو.

هتي ڦُربُ سوئيِ تہ، پائي ٿو سڀ جو،
دِل-اي-حال پنهنجو، جو سڀ سان سَلي ٿو.

رکي شانُ ڪوُڙو، هلي جو هميشهہ،
ڪڏهن ڪينِ هت تنهن جو، ڪوئيِ جَهلي ٿو.

غزل ٣٨

رُلَلُ يارُ، يارو! مَنائڻ ڏُکيو آ،
قتل ياڳ کي پيِ، سجائڻ ڏُکيو آ.

هجي دِل ۾ نفرت، تہ مُشڪل آ مُرڪڻ،
بنان چاهہ رشتو، نڀائڻ ڏُکيو آ.

چئي روشَ مُنهن جا، حقيقتَ ڏِين تا،
دل-اي-درد جڳ کان، لِڪائڻ ڏُکيو آ.

هلي ڪوڙ سان ٿو، وهنوان جنهن جو،
سچيءِ راهہ تنهن کي، هلائڻ ڏُکيو آ.

ڪري پل ڪو ڳالهيو، نچڻ جون جَهجهون ٿي،
سري عام تنهن کي، نچائڻ ڏُکيو آ.

ٽُٽي دل جو درپن، جي پنهنجن هٿان ئيِ،
نُئل آءِنو سو، بنائڻ ڏُکيو آ.

ڪَويِتا ۾ جنهن کي، هجي رَسُ نہ ڪوئيِ،
غزل تنهن کي سارو، ٻُڌائڻ ڏُکيو آ.

۷ آڪٽوبر ۲۰۰۱ گجرات سنڌي ساهتيہ اَڪادمي طرفان ڪوي سميلن جي يادگار تصوير



مشاعري وقت ساڄي ڪان کابي گوبند ريجهواڻي ''آنند''،
برک شاعر اَرجن حاصد، ڪماري ديا لالچنداڻي ۽ سريچند ڏُبي.

غزل ۴۰

مُسافر آ ھرکو، اَچي ۽ وَڃي ٿو،
سدائِين نہ پيارا! هِتي کو رَهي ٿو.

سفر ۾ مِلن ٿا، ڪنڊا يِي تہ گُلَ يِي،
سِياڻو آ سو، جو سنڀالي هلي ٿو.

ڏسو موٽرن ۾، گُهمي کو رهيو آ،
ڪو روئيِ ۽ ٽڪر ڪاڻِ در در رُلي ٿو.

وهنوار ڪر ڪو، بُرو ڪِين ڪنهن سان،
ڀَلائيءَ جو بدلو، ڀَلائيِ مِلي ٿو.

ڪري ڪم پيارا، وڃي ٿو جو جڳ مان،
هِتي نام تنهن جو ئيِ، روشن رَهي ٿو.

اُڳهي لُٽڪَ سڀ جا، ڏِئي مُرڪَ جيڪو،
هتي سُوئيِ سڀ جو، دُلارو بڻي ٿو.

نہ رکجي ڪو بانوَرُ، رکيِ هلجي نِوڙتَ،
هتي ڪِين اَيمانُ، ڪنهن جو هلي ٿو.

سڦل آهہ جيِونُ، هِتي يار! تنهن جو،
سدا قُرِبُ دِل منجهہ، جنهن جي پَلي ٿو.

غزل ٤١

ڏِسو ديشَ جي ِ کھڙيِ، حالتِ بُڇي ِ آ،
نہ ڪو آھہ رکشڪ، نہ ڪوئيِ، ڏٺيِ آ.

ستايو آ آتنڪَ، پرِجا کي ڪيڏو!
نہ ڪا دانھن جَنِتا جيِ، پر ڪنھن سُڻيِ آ.

وڏيو زور آ، ذاتِ ۽ پاتِ جو ييِ،
يلا! ايڪِتا منجھہ، پِتِ ڪنھن چَٽيِ آ.

وِجَھنِ ييدُ اَڳوانَ، ووٽن جي خاطر،
ڪري پاپ، تِنِ پوک ”ڪُرسيِ“ لٽيِ آ.

بٺيا جيڪيِ نيتا، لُٽِيو ديشُ تِنِ ئيِ،
وئيِ بي اِيماني، وَڌيِ اَڄ گھٽيِ آ.

شرم، لَڄَ، حَياءُ اَڄ، رهيو ناھہ ڪوئيِ،
سچيِ ڳالھہ ڪنھن جيِ، نہ ڪنھن کي وَڻي آ.

ڪري سڀ جي خِدمَتَ، ڪجي رب کي راضيِ،
سچائيِ، صفائيِ تہ، پارَسِ مَٽيِ آ.

پارس مٽي = لوھہ کي سون بڻائڻ وارو پٿر

لال هوتچنداڻيءَ جو سنمان



۱۸ مارچ ۲۰۰٦ تي شري لال هوتچنداڻيءَ جو سنمان
ڪندي گوبند ريجهواڻي ''آنند''.

غزل ٤٣

ويو نوُرُ نيڻن، اُڏامي اُڏامي،
ويو ويهجي سڀ، اُپامي، اُپامي.

ٿيو شانتِ پنجابُ، ڪشمير جاڳيو،
ٻري باهہ چڻ ڪا، وِسامي وِسامي.

ڪي ظالِمَ ٿا ڪَنِ، ظُلمَ جيهادِ نالي،
ويو ماڙِهپو آ، وِڪامي وِڪامي.

سِتَمُ جيڪي اِنسانَ، پل پل سَهن ٿا،
ويا تِنِ جا چَهرا، اُجهامي اُجهامي.

نہ رکپالُ آ ڪو، نہ آهي ڏڻي ڪو،
لُٽي ديش کي ويا، حَرامي حرامي.

ڪيو خوُب آتَنڪَ، برباد آهي،
اَچي ڪو بَچائي، ڪِرامَتَ جو سُوامي.

بڻيو مُلڪ آزاد، آهي مگر نہ بہ،
چو پائين ٿو هرڪو، غلامي غلامي.

ڏين ديش تان جي، ڪِلي جانِ پنهنجي،
ڏيون دِل سان تِنِ کي، سلامي سلامي.

غزل ٤٢

بڻيِ جٽڪِ واپار، ۽ اَجُ سِياسَتَ،
لڳن اَج جا نيتا، تہ پرجا تي آفَتَ.

ڪٽيِ ڳڌ گُھمَنِ جي، سُرَڪِشا دَلَنِ کي،
سي کھڙي ڪندا، ديش جيِ ڪا حِفاظَتَ.

رکن تہ فِڪرُ، ”گھر ڀرڻ جو“ سَدائين،
نہ سوچن، تہ جَنِتا جيِ کھڙيِ آ حالَتَ.

ڪري واعِدا تہ، ونن ووٽَ جيڪي،
سي، پوُرا ڪرڻ جيِ، رکن ڪين دانتَ.

ونڻ جي بنان ”ڪُڇ“، نہ ڪم ڪَنِ تہ ڪوئيِ،
هنن لئہ ڪو ڏِجَ جو، ڪرم آھ رِشِوَتَ.

ھئا ڪي تہ اَھڙا ڀہ، اَڳوانَ اَڳُ ۾،
جي، ”شيوا“ کي پيا رب جيِ سمجھن ”عِبادَتَ“.

غزل ۴۵

شهيد آ جو تيِ ويو وطن مٿان،
اَمر سو تيِ ويو آ هِنَ جَهانَ مان.

سهيِ تَنتيِ ڏَڏيِ، هو ضابطو رکيو،
کيو هو هِنِ تہ پيار، پنهنجي ديشَ سان.

کيو نہ فِڪرُ هِنَ کو، پنهنجي جانِ جو،
پيو ٻَٽيِ پَهاڙُ، دُشِمَنَنِ مٿان.

شهيد ٿي جنهن تيِ، سُرڳَ ۾ مِلي،
ڏسي ٿو هرڪو هن کي، خُوب مانَ سان.

ڪِلي ڪِلي ڏنيِ، وطن تان جانِ جنهن،
وڃان مان واريِ واريِ، تنهن شهيدَ تان.

نصيِبدار جَنِني آ شهيِد جيِ،
کيان ٿو تنهن کي نِتِ، سوين سلامَ مان.

غزل ۴۴

بٺيو مرڪز آ ڀارت ڇو، ڀلا! دُشمن جي يارن جو؟
وڏي ويو حوصِلو آهي، اَهِنسا جي هٿيارن جو.

جي، هت جيهاد جي نالي، ٿا دهشت خُوبُ ڦهلائن،
ڪٽيِ هت ۾ جهنڊو ٿا سي، گُهمن اَڄ چنڊ تارن جو.

هنن جو ڪو ڌَرمُ ناهي، هنن وَٽِ ڪو رَحَمُ ناهي،
نہ ئيِ ٿَنِ قِياسُ، دِل ۾ ڪوبہ ٻُڍڙَنِ جو يا ٻارن جو.

جي آتنڪيِ ٿا ڪن آتَنڪَ سان، برباد پِرِجا ڪي،
مليو ٿوَ ساٿُ تن ڪي، ديش ۾ ويٺل غدارن جو.

وني تَعِليم پاڙي مان، اَڇن ٿا هيِءُ ٽِپي سرحد،
ڌرم آهي اِهو شايد، هنن آتنڪ وارن جو.

ڌماڪا ٿا ڪري هيِ ڇو، بهادر ڀاڱ ڪي سمجهن؟
اَتن اَيمانُ ڪو شايد، ''اَڳو بم''ءِ هٿِيارن جو.

بٽيِ سرڪار آ لاچار، ڇو آتنڪ وادين ڪان؟
بُلنديءُ تي جڏهن آ حوصِلو، اَڄ فوَجَ وارن جو.

اَهِنسا-اَمن سان ئيِ ٿو، ڪري هر ديش واڌارو،
وڏي ٿو شانُ دنيا ۾، اَهِنسا جي پوُڄارن جو.

چنڊ تارن جو = پاڪستان جو

غزل ٤٧

اَسان پاڻ کي ڪيِن آهي سُڃاتو،
اَلا ڪير آهيون، نہ آ راز ڄاتو.

ڪٿان تا اَچُون ۽ ڪاڏي آهہ وڃڻو،
اِهو ييِ، پتو ڪو، اَڃان ناهہ پاتو.

رکيِ تا هلوُن پيا، گهمنڊ ڇو سدائيِن،
جُڙِيو آهہِ ڇا لئہ، وڏائيءَ سان ناتو.

نہ رهڻيِ آ هردم، هيِءَ مايا ۽ ڪايا،
ڇو آ ناسِوَنتَ ۾ اَڇي موهہُ ڦاتو؟

هئو هِتِ ڇا ڪرڻو، ڪري ڇا رهيايوُن؟
خبر ڪجهہ بہ ناهي، نہ ئيِ ڪجهہ آ ڄاتو.

ڏنو آهہ جيِونُ، هيِ اَنِمولُ داتا،
تڏهن ييِ نہ تنهن سان، ڇو آ نيِنهن لاتو؟

ڪُلَنِ من جوُن اَڪڙيون، ڪري رب ديا ڪا،
ڪيون ڪم ثوابيِ، جُڙي رب سان ناتو.

غزل ٤٦

اَسان نِتِ رکڻ دوستي سڀ سان چاهيون،
حسد ساڙ ۾ زندگي ڇو وڃايون؟

وٺي ڪين تي دُشمنيِ، ڪا اَسانکي،
ڏئي ۽ وٺيِ پريم، سڀ سان نِڀايون.

مِٺي ڪين تو ويرَ، سان ويرُ يارو!
رکيِ ويرُ ڪنهن سان، ڇو خود کي لَڇايون.

صُلحَ شانتيِ آهي، اَسان کي تہ پيارِيِ،
اَسان اَمن جا تا، پوڄاريِ سڏايون.

بُلند حوصِلو آهہ، هردم اَسان جو،
کٽيِ وِنا آهيون، اَسان کي لڙايون.

اَٽوَ ''اَئِٽميِ''، هاڻ طاقت اَسان وٽ،
مگر ''شانتِ مَئہ'' تهن جو اُپيوگ چاهيون.

نہ سمجهي ڪو ڏُبرو اَسان کي جهان ۾،
رکيِ دِل وڏيِ دوستيِ تا نڀايون.

غزل ٤٩

کري وٺ زندگيِ سڦليِ، کري ديِدارُ ستگر جو،
صبح ۽ شام جپ تنهن کي، سڄڻ! تون ٻارُ ستگر جو.

اَڪيلو تون هِتي آئين، اَڪيلو تون هِتان ويندين،
سچو ساٿيِ نہ کو آهي، سچو آڌارُ ستگر جو.

ڪٿي آئين هِتي ڇا تون، ڪٿيِ ويندين هِتان ڇا تون؟
هِتي تنهنجو نہ ڪجھ آهي، سچو سنسارُ ستگر جو.

ڪرڻ آئين هِتي ڇا تون، ڪري هِتِ ڇا رهيو آهين؟
او غافل! تون ڪري هلُ سوچ ۽ ويچارُ ستگر جو.

ڇڏي ڏي ڪوُڙ جا ڌندا، نہ ڪر هٺُ ۽ وڏائيِ تون،
ديا ڌيِرج رکيِ دِل ۾، اَچيِ جَهلِ دوارُ ستگر جو.

اَگر چاهين ڀلو پنهنجو، تہ ڪر ڪم تون ڀَلائيءَ جا،
جڳت آ ڪوُڙ جو "آنند"، سچو وهنوارُ ستگر جو.

غزل ٤٨

مليو منش جو آ، جنم توکي ٻَندا !
وڃائي نہ ڇڏجان، ڪري ڪم ڪي مَندا.

ڪَندين ڪم چڱا تون، تہ رب راضي ٿيندُءِ،
هِتي ياڳ تُنهنجا، ڪُلهيِ پو پَوَندا.

دغائون ڪري تون، ٻين سان ڪي هِتِڙي،
نہ ڪر تيار خود لئہ، تون ڦاسيءَ جا ڦندا.

ڪو نقصانُ جنهن مان، رسي ڪنهن نَي پيارا!
ڪڍهن ڪينِ اُهڙا، ڪجن ڪي بہ ڌندا.

جَپي جاپُ رب جو، ڪري وڃ سفر تون،
رُڳو ڪر نہ ''مان-مان''، عقل جا او اَندا!

رکندين جي دِل ۾، سچائيِ سچڻ! تون،
تہ پيا لوڪَ توکي، سدا ياد ڪندا.

غزل ٥١

پاپن منجهہ عمر آ ڳاري،
پُڄ روپيِ هڪ جيوتِ نہ ٻاري.

راهہ ٻَٽي مُنهنجيِ اَنڌِياري،
پُڄَ روپيِ کا جوتِ نہ ٻاري.

وقت هليو ويو، ڊوڙي ڊوڙيِ،
جئن وڃي هليِ، هٿ مان واريِ.

ڪين ثَوابَ جو، ڪرم ڪيو ڪو،
اَيمانُ رکيو، ديدَ نہ ڌاريِ.

راندِ ڳُنِ ۾ ٻالِپَڻُ گَنوايو،
جوانيِ مَستيِءَ منجهہ گُذاري.

پيريءَ جو آ، حالُ اَڙانگو،
ويڙهي ويٺيِ، آ بِيماريِ.

”لوڪاَڱم“ لئہ ڪجهہ بہ نہ ميڙيو،
ڀَلَ تہ ڪئيِ مان، آهي ياريِ.

هٿ جوڙي رب کي ليِلايان،
دورِ گهڙيِ ڪڄِ، وِگهنَنِ واريِ.

عَيبَنِ منهنجن کي ڍَڪِجان تون،
تنهنجو آهيان، آءٌ ڏوهاري.



١- هزارين ڏوهہ آهن مان، ڪَيا ستگر،
وِساري ڏوهہ مُنهنجا ڪر، دَيا ستگر.

٢- ڪَڍيِ سڀ عِيبَ مون مان پاڪُ ڪر مونکي، تون ڪر مونکي،
ڪپي مونکي سدا تُنهنجيِ، مَيا ستگر.

٣- ڏجان شڪتي اِها مونکي، ڪيان پورا مان ڪم پنهنجا،
ڪجان پورا، جي ڪم مُنهنجا، رَهِيا ستگر، رَهِيا ستگر.

٤- اَچي لوڏو نہ ڪو مونکي، ڪجان ڪا ڀاڄهہ ڀاجهارا!
ڪَيئہَ ڪرپا تہ دُک مُنهنجا، وَيا ستگر، وَيا ستگر.

٥- نہ ڏس مُنهنجون مَدايون تون، اَچيِ ڪر پار تون مونکي،
اَتئہ وِڇَ سيرَ ۾ مُنهنجيِ، نَئِيا ستگر، نَئِيا ستگر.

٦- لِکي دِل تي رکان سڀ ۽ هِنئين پنهنجي هنڌايان سي،
وچن جيڪي بہ آهن تو، چَيا ستگر، چَيا ستگر.

هيءَ رچنا ڪُلَ گرو پرم پوج بابا شُڪرامداس مسند صاحب
جن جي چرن ڪملن ۾ اَرپڻ

غزل ۵۳

او جهوليلالَ! تو در تي، اَيـڏو داسُ آئِسِ مان،
ڪٽيِ هڪ آسَ دِل اَندر، ننڍڙو داسُ آئِسِ مان.

اَتم در مون جَهِليا تنهنجا، جَهِليان ڇو در ٻئي ڪنهن جا؟
ڪَندين دُک دوُرِ تون منهنجا، رکيِ وشواسُ آئِسِ مان.

رهي جيون سُکيو هردم، ڏِسان شل ڪينَ هڪ ٻيِ غم،
دَيا ڪر تون اِها پريو! سا باسِڻ باس آئِسِ مان.

ڪيان ڪهڙو ذِڪر تُنهنجو، سَکا جو آهي در تُنهنجو،
اَچي پرِ پاندُ مُنهنجو تون، پَرائِڻَ خاصِ آئِسِ مان.

ڪري ٿيِ ياد دِل مُنهنجيِ، لڳي ٿيِ سِڪَ سَدا تُنهنجيِ،
اَتم بس پياسَ درشن جيِ، ٻُجهائِڻَ پياسَ آئِسِ مان.

سَچو اَوتارُ، آهين تون، مِٺو مَنتارُ آهين تون،
جڳت آڌارُ آهين تون، ڪَرِڻَ اَحِساسُ آئِسِ مان.

ڏجان شَڪتيِ ڪيان ڀڳتيِ، ڪيان ڀڳتيِ مِلي مُڪتيِ،
ڏِجان ڏاتر! اِها جُڳتيِ، ڪَرِڻَ اَرداسَ آئِسِ مان.

غزل ٥٢

کيڏو ٻہ ڦيڪيون، سياڻو ڏَرَ تون،
جتِ ڪِٿ پنهنجا، سور نہ سَلِ تون.

درد لِڪائي، رک سينې ۾،
ڏَرُوَ ڏِراوا، نہ ڪڏهن جَهلِ تون.

غمگينُ رهڻ مان، ڪجھ نہ وَري،
غم کي وِساري، کِلُ هر پَلِ تون.

هر ڪنهن کي جا، چِڏي وَڪوڙي،
پوکِ مِٺي کا، اَهڙي وَلِ تون.

آلِسَ ۾ تو، سڀ آ وڃايو،
هاڻ رُڳو پيو، هٿن کي مَلِ تون.

ڏِوَ رکُ دِل ۾، هردم رب جو،
ڪنهن کي نہ ڪڏهن، پيارا! ڇَلِ تون.

غزل ٥٥

وڏا ڀاڳَ ٿيوَ جو، ڏِسي سِنڌُ آيوَ،
مُبارڪَ اَٿوَ جو، گهمي سِنڌ آيوَ.

ٻَٽي زندگي آهہ سڦلي اوهانجي،
ڏِٺوَ وڻ وطن جا، چُمي سِنڌُ آيوَ.

ڪَيُوَ آ چِمَنُ جَلُ، سِنڌوءَ جي نَديءَ جو،
وطن جي زمينءَ تي، ڪري پَندُ آيوَ.

مِليو آ وِڇوڙو، جو بس آهہ سَهِٽو،
وڃي جڻ وطن سان، جوڙي جندُ آيوَ.

ڪَيُوَ ميلُ ميلاپُ، هِتِ جو اُتان سان،
وڃي مَٿَيَرو جڻ، ڪري ڪَنڌُ آيوَ.

ڏِٺوَ ياتُرَنِ سِڪَ، ڏِٺوَ پيئرُنِ حُبُ،
ڏئي ۽ وَٺي پيار ''آنند'' آيوَ.

نوت : سدا حيات شري هري موٽواڻي 'سنڌي' جڏهن سنڌ ياترا کان واپس
وريا تڏهن اُنهن جي شان ۾ لکيل ۽ 'ڪوُنج' ۾ ڇپيل رچنا

غزل ۵۴

نہ ڪر پاپَ پاپي ! خطا ڪائيندين تون،
وڃي نرڪ پوَندين، سزا پائيندين تون.

ٻري پاپَ ڳنڙي، جي ويندين هتان تون،
ٻنان نرڪ هيو ڇا، ٻڌا پائيندين تون؟

وني دوُتَ يمَ جا، جڏهن توکي ويندءِ،
تڏهن تن ڪان ڪئن پاڻُ، ڇڏرائيندين تون؟

ملي ڪين عزّتَ تي، پاپيءِ کي ڪٿ ڪا،
رُکو نوڪرون پيو، سدا ڪائيندين تون.

رَيي خوُف رب جو، تون هلندان سدائين،
ٿيڻي رب جي ناراضُ، پڇتائيندين تون.

ٿئي پَل ۾ راضي تو، رَبُ آ دَيالوُ،
سچيءَ دل سان تنهن جا، جي گُڻَ ڳائيندين تون.

ڀلو پنهنجو چاهين، نہ ڪم ڪر ٻڌارا،
ڀلائيءَ سان **”آنند“**، سُک پائيندين تون.

غزل ۵۷

ڏئي مان تہ لوليِ تيِ، لوڏِيان هِندورو،
هِندوري کي لوڏي، سُمِهاريان سَدورو.

اَتئہ هن جا عُضِوا تہ، سَنِهڙا ۽ ڪَچڙا،
اَٿسِ نيڻ نيڙا ۽ مُنهن آهہ گورو.

لِکيو آ او داتا! توئيِ ڀاڳُ هِنَ جو،
هئو ڀالُ هن جو تہ، ڪاغذ کو ڪورو.

سَدا سُکَ هيِ ماڻي، گُهران تيِ، دُعا مان،
ڏسي ڪين شل ڏِينهن، هڪ ڀيِ نِڀوڙو.

ٻَلي پيو هميشهہ، ڪڏهن ڪين روئي،
ٻَري ڪير جو هِنَ کي، پِياريان ڪَٽورو.

ڪري ٻَلِ هيِ آرامُ، مان پيئيِ جاڳان،
کيان ڪين تيِ ڪوبہِ، هن تي مان تورو.

ڪَيو تُم جو ڪُڇُ ڀيِ، سو آ فَرِضُ مُنهنجو،
نہ گُهرِجي تو مونکي، کو هِنِ جو اُجورو.

غزل ٥٦

سِنڌيِ او سِنڌي! سِنڌي او سِنڌي!
ڇڏِجان وِساري، ٻولي نہ پنهنجي،
ٻوليِ ئي آهي، پَهچانِ تُنهنجي.
اَتئہ خوُب روشن، تُنهنجو تہ ماضيِ،
اونداهي ڪر تون، *ڀاويِ نہ پنهنجيِ.
ساميءَ-سَچَلَ جو، وارِثُ، تون آهِين،
ڪجهہ سمجهہ پيارا! قيمت تون پنهنجي.
سا قومَ ڪهڙيِ، سَڏبيِ جڳت ۾؟
زِندَهہَ هجي هِتِ، ٻولي نہ جنهن جيِ.
سِکُ تون ٻلي ڪا، ٻوليِ پرائيِ،
پر، تئہ سَواديِ، تہ زبانَ پنهنجيِ.
تنهنجو تہ آ ويو، وِڇڙي وطن پيِ،
بس، هڪ نِشانيِ، ٻولي آ تُنهنجيِ.
دوَلَتَ دُنيان تو، سڀ آ وِڃايو،
هونديِ نہ حالتِ، تو جهڙيِ ڪنهن جيِ.
پَئسو ڪَمايو، تو آ جَهجهو ئيِ،
پر، تو وڃائيِ، تَهذِيبَ پنهنجيِ.
ڏِينديِن وِراسَتَ، ٻارن کي ڪهڙي؟
ٻوليِ بَچائي نہ، رِڪيئہ جي پنهنجي.
سِنڌيِ او سِنڌي! سِنڌي او سِنڌي!

---

* ڀاوي = ايندڙ وقت، ڀويشيہَ

غزل ٥٩

کيان عرض آڻي، اَڪيُنِ مَنجهہِ پاڻيِ،
سُکي ڪر او داتا! تون منهنجي نِياڻيِ.

ڏِنيِ هڪ ئيِ تو آ، نہ آهن ڪي ڀِتِڙي،
عَقَلُ ۾ بہ ناهيِ، تو آهي سياڻيِ.

ڏِنو ڪينِ آهي، ڏُکيو ڏِينهن هِنَ ڪو،
اَدَلَ سان آ پالِيو، ڇَوان ڇا ڪَهاڻيِ؟

اَتئہ مُنهنجي ٻچِڙي، اُٿڻَ ۽ وِهڻَ ۾،
چڱيِ سَنسِڪاريِ، لَڄاريِ، نِماڻيِ.

اَڃي عُمر ۾ ٻيِ هيِ ۽، تِيِ آهہِ ڇَڳِڙيِ،
هٽَنِ سان ڏِيَڻُ ڏيِ ۽، رَسَمَ آ پُراڻيِ.

سُنو گهرُ ۽ وَرُ تون، ڏِجان هِنَ کي ڏاتَرَ!
ڦِري گهرَ سَڄي مَنجهہِ، هيِ ۽ ٻڻجي راڻيِ.

سَڄيَلُ روُپُ ڏُلهِنِ، ڏسان شل مان هيڪر،
ڪجان منهنجا رب! سَتِ، وچن مُنهنجيِ واڻيِ.

غزل ٥٨

اَچن ياد مونکي، جڏهن ٿا اَباڻا،
وهائنِ ٿا جَلُ نيڻ، مُنهنجا نِماڻا.

هئا ٻالِپڻَ جا، ڏِهاڙا سُهانا،
وساريو نہ وسرن سَمان سي ٻاراڻا.

ڏِنو پيارُ بابَلَ ۽ مَمِتا ڏِني ماءُ،
هئا جڻ تہ هينان، مَٿَنِ جي وِهاڻا.

کَيون پينڙُنِ سان مان، جيکي بہ رانديون،
اَجان يادِ آهن، کَيَلَ ياءُ سان ماڻا.

کَٽي گودِ ڏاڏيءَ، چَنايون جي چاڙِيون،
ٻِلا! کئي مان ڀُلجان، مَکڻَ جا سي چاڻا.

اَچن ياد سَرِتيون، کَيَلَ تِنِ سان ڳالهِيوُن،
ٻَريَلَ ڏينهن مَستيءَ سان، ها سي پُراڻا.

اَٺَم گهرَ پَٽيءَ جو، پَلي سُرڳَ جَهڙو،
مَگَرَ کينَ وِسرَنِ، مِٽَنِ جا نِڪاڻا.

سنڌي شاعريءَ تي ورڪشاپ



۲۸ کان ۳۰ سيپٽمبر ۲۰۰۷ تي سنڌي ساهتيہ اَڪادمي، گجرات طرفان ''سنڌي شاعريءَ تي ورڪشاپ'' وقت نظر ايندي ساڄي کان کابي سروشري واسديو ''موهي''، گوبند ريجهواڻي ''آنند''، ڀڳوان ''نردوش'' ۽ سريچند ڏُبي ''جگري''

غزل ٦٠

جڏهن سينڌِ پنهنجي، سَنواري سُهاڳڻ،
شيشي ڏي مُرڪي، نِهاري سُهاڳڻ.

رڪي ڪي سُڪائون آ، هِنَ گهوٽُ وَرتو،
ڏِسي تنهن کي تي، هنجون هاري سُهاڳڻ.

اَکيُنِ مَنجهہ سَپنا، کَٽي خوُبَ آئي،
سُواگت ڪري هٿ، پَساري سُهاڳڻ.


جَڏهِن تو اَچي ويجهو، خاوَندُ هن جي،
مَري شرم ۾ جيوتِ ناري سُهاڳڻ.

اَکڻ منجهہ گُلڙا، ٿِڙَنِ چار جيڪرَ،
اِهي خوابَ هردم، تي ساري سُهاڳڻ.

چِتِيَلَ سينڌِ مُنهنجي، رهي شل سدائين،
اِهو ئي تي نِتِ نِتِ، پُڪاري سُهاڳڻ.

وِچان شل پِتي ءَ جي، هٿن منجهہ جڳ مان،
ڪري مِنتَ رب جي، دُواري سُهاڳڻ.

جنم تاريخ : ١-١-١٩٥٤ع
اِستان : جهوناڳڙه (گجرات)



گوبند ''آنند''

دوست گوبندرام هوتچند ريجهواڻي 'آنند' منهنجو هم عمر، هم ڪلاسي دوست آهي. پهرئين درجي کان وٺي S.S.C تائين گڏجي هڪ ڪلاس ۾ پڙهياسين.

دوست 'آنند' جهڙو تخلص اَٿس تهڙو ئي آنندي سڀاءُ جو دلدار آهي. ڪافي ننڍيءَ عمر ۾ ئي قريب قريب ١٠ سالن جو هو جو لکڻ شروع ڪيائين. اَسان ڪلاس ۾ ٣٥ وديارٿي هئاسين جنهن مان ٣٠ ڄڻا ڪن نه ريگيولر لکندا هئاسين ۽ سنڌي ساهتيه پڙهندا هئاسين. اُهو سنڌي ساهتيه جي اوُج جو وقت هئو.

پر آخر ۾ ٻن ٽِن ڄڻن کي ڇڏي باقي سڀ ساهتيه کان محروم ٿيندا ويا. اُنهن باقي بچيل ٻن ٽن مان دوست ''آنند'' به هڪ آهي، جو لڳاتار ساهتيه پڙهڻ ۽ لکڻ جاري رکي وينو آهي. دوست گوبند ''آنند'' سُٺا ڌرمي گيت به لکندو آهي. جيڪي اَڪثر جهوناڳڙه ۾ ٿيندڙ ڌارمڪ پروگرامن ۾ گيت ۽ پرارٿنائون ڳايون وينديون آهن.

''منهنجا غزل'' جي عنوان سان هيءُ سندس پهرين ڪوشش آهي. مونکي يقين آهي ته سنڌي ساهتيه جڳت ۾ هيءُ ڪتاب قبول پوندو ۽ خوُب آجيان ٿيندي، جا گوبند لاءِ ٽونِڪ (Tonic) ثابت ٿيندي ۽ جلد ئي سنڌي ساهتيه جي ميدان ۾ ٻهڻو ڪجهه ڪٽي ايندو ۽ ڏيندو.

''منهنجا غزل'' عنوان مان ئي هن جو موهه پيو نظر اَچي پر هن دوست جو موهه هاڻي ٽُٽندو جو ''منهنجا غزل'' هاڻي توهان جا ٿي رهيا آهن. آمين.

شريچند ڏبي ''جگري''
(جهوناڳڙه)